٣-١٩٨٨ع



سڪندر آرٽ گيلري نواب شاهہ ۾ ڪاشي، جو نمائ

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ۳۷] [نمبر ۳

جولاءِ — سيپٽمبر

۱۹۸۸ع

چيف ايڊيٽر

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

ايڊيٽر

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

معمور يوسفاڻي

انچارج ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ

# مـهـران

سنڌي ادبـي بـورڊ

اسٽيشن روڊ، ڄامشورو، سنڌ

The "MEHRAN", Quarterly
Vol: 37, No. 3, 1988
[Established in 1955]

An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan. Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi language and literature. Contemporary Creative Literature, History, Civilization, Lexicography, Education, Music, Folklore, Archaeology and General Culture of Sind are the main topics of material usually published in this periodical.

● All correspondence about publication be addressed to:
Editor 'Mehran' Quarterly
Sindhi Adabi Board,
@ Jamshoro (76070)
Via: Hyderabad, Sind, Pakistan.

[سرورق: سڪندر آرٽ گئلري نواب شاهه ۾ ڪاشيءَ جو نمونو]

سلائيڊ: قاضي خضر حيات

خريداريءَ لاءِ خط و ڪتابت

مئنيجر بوڪ اسٽال

سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد (فون: ٢٤٢٦٤)

ساليانو چندو: ٧٥-٠٠ رپيا    في ڪاپي: ٢٠-٠٠ رپيا

**Printed & Published by Mr. Habibullah Siddiqui Secretary Sindhi Adabi Board at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Jamshoro, Sind Pakistan.**

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هڪ طرف لطيفي عرس جي موقعن تي فنڪارن کي لطيف ايوارڊ ڏيڻ جي روح پرور روايت روز بروز وڌيڪ جاذبيت ۽ دلڪشي ماڻي رهي آهي ته ٻئي طرف لطيفي راڳ کي محفوظ ڪرڻ، ڪتب خاني ۽ تحقيقي مرڪز کي زور وٺائڻ، لون لون علمي ڪتابن جي اشاعت تي باقاعدگي ۽ مسافرخاني جو قيام، شاهه جي باغ جو قائم ٿيڻ- اهي سلسلا روز روشن جيان پڌرائين ٿا ته ثقافت ۽ سياحت کاتو لطيفي خدمت ۾ وڏي چاهه ۽ اتساهه، عقيدت ۽ اڪير سان ڪمرڪشي بيٺو آهي.

انشاالله اهل سنڌ ڏسندا ته اهو ڏينهن گهڻو پري ناهي جڏهن لطيفي مرڪز پنهنجو اهو مقام ماڻيندو، جنهن جو هو بجا طور مستحق آهي.

اسان جي سنڌ جي عالمن ۽ اديبن، شاعرن ۽ صحافين، سگهڙن ۽ فنڪارن، غرض ته هر سنڌيءَ کي اپيل آهي ته لطيف سائينءَ جي خدمت وارين مٿين ڪوششن ۾ پنهنجي طرفان هر ممڪن هٿ ونڊائي پنهنجي قومي فرض ادائي ڪن، جو اسان تي حق آهي؛ چو ته لطيف اسان سڀني جو آهي ۽ اسان جي سڃاڻپ ۽ سولهن آهي، اسان جي ماضيءَ جي عظمت سان گڏ آئيندي جي آس آهي، اسان جو روشن مستقبل آهي ۽ اسان جو جياپو آهي.

جيئي لطيف!

# مهراڻ ايوارڊ

سنڌي ادبي بورڊ جي فيصلي مطابق، مهراڻ ۾ ڇپيل بهترين مواد جي چونڊ تي هڪ انعامي اسڪيم شروع ڪئي ويئي آهي. اهي ايوارڊ، مقالن، افسانن، شعرن ۽ متفرقه مواد تي ڏنا ويندا. هر صنف تي ٽي ٽي انعام رکيل آهن، جي ٽي هزار، ٻه هزار ۽ هڪ هزار رپين جي نقد صورت ۾ سنڌي لسڪندڙن کي ڏبا. گذريل سال ١٩٨٧ع جي ڇپيل مواد جي چونڊ سان ان ڪم جي ابتدا ڪئي ويئي آهي ۽ انشاالله جلد بورڊ طرفان هڪ پروقار ادبي تقريب ۾ اهي انعام ڏنا ويندا.

مهراڻ سان سنڌي اديبن جا اڳي ئي پيچ پختا پيل آهن. تنهن هوندي به اسان کي خاطري آهي ته سنڌي اديب اچا به وڌيڪ تعاون ۽ محبت سان اسان کي نوازيندا رهندا.

# سنڌي اديبن جي ڊئريڪٽري

سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ جي اديبن جي هڪ ڊئريڪٽري شايع ڪرڻ جو پراجيڪٽ شروع ڪيو آهي، اهڙي ضروري ڪتاب جي کوٽ هڪ عرصي کان وٺي مختلف حلقن طرفان پئي محسوس ڪئي ويئي.

سنڌي زبان جي سمورن لسڪندڙن کي استدعا آهي ته پنهنجو مختصر سوانحي خاڪو، ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن ۽ مواد جي ڄاڻ سان گڏ، پاسپورٽ سائيز فوٽو ۽ ائڊريس فون نمبر سميت، سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ کي موڪلي ڏين. — ن. ا. ش

# فهرست

## (۱) شاعري


| | |
|---|---|
| ۱. مخدوم طالب المولیٰ | ۱ |
| ۲. نياز همايوني | ۲ |
| ۳. تنوير عباسي | ۳ |
| ۴. تاج بلوچ | ۴ |
| ۵. امداد حسيني | ٦ |
| ٦. عنايت بلوچ | |
| ۷. مظفر حسين جوش | ۸ |
| ۸. مخدوم امين فهيم | ۹ |
| ۹. احسن الهاشمي | |
| ۱۰. محبوب سروري | ۱۰ |
| ۱۱. انور هالائي | ۱۱ |
| ۱۲. آصف مصرائي | |
| ۱۳. معمور يوسفاڻي | ۱۳ |
| ۱۴. عبدالقيوم صاحب | ۱۵ |
| ۱۵. آثم ناٿن شاهي | |
| ۱٦. وفا پلي | ۱٦ |
| ۱۷. رحيم بخش قمر | |
| ۱۸. بدر قريشي | |
| ۱۹. احمد خان مدهوش | ۱۷ |
| ۲۰. سحر امداد | ۱۸ |
| ۲۱. اياز گل | ۲۱ |
| ۲۲. ادل سومرو | |
| ۲۳. ذوالفقار سيال | ۲۲ |
| ۲۴. مقصود گل | |
| ۲۵. مخدوم جميل الزمان | ۲۳ |
| ۲٦. بشير سيتائي | |
| ۲۷. واجد | ۲۴ |

## (٢) مقالا


| | | |
|---|---|---|
| ٠١ مخدوم عبدالله نري وارو | ـ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي | ٢٥ |
| ٠٢ شاهه حبيب ۽ سندس ڪٽنب | ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | ٢٧ |
| ٠٣ حضرت قلندر شهباز | ـ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ٣١ |
| ٠٤ خانقاهه جو سنڌ جي تاريخ ۾ ڪردار | ـ ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي | ٤٣ |
| ٠٥ برٽش ميوزم لنڊن ۾ سنڌي قلمي نسخا | ـ غلام محمد لاکو | ٥٢ |
| ٠٦ "نورجهان" ناول جو جائزو | ـ عبدالقيوم "صائب" | ٦٣ |
| ٠٧ ڪلهوڙا خاندان جو مختصر جائزو | ـ عبدالرسول قادري بلوچ | ٧٥ |
| ٠٨ علامه امداد علي قاضي | ـ غلام رباني آگرو | ٧٩ |
| ٠٩ چنڊ موريو جو مقام | ـ محمد هاشم حيدري | ١٠٠ |
| (تحقيق ۽ حقيقتون) | سنڌيڪار: پريتم "پياسي" | |


### ● سنڌ جي تاريخ جو حصو


| | | |
|---|---|---|
| ٠١ سنڌ جي آخري تاجدار مير محمد نصير خان ٽالپر جو انگريزن جي قيد ۾ ڏنل بيان | ـ حبيب الله صديقي پاٽائي | ١٠٧ |
| ٠٢ پاٽ جو تاريخي پس منظر | ـ نور محمد ڀٽي پاٽائي | ١١٨ |
| | مرتب: امير محمد جوڻيجو | |


## (٣) ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| ٠١ چور ڪير ـ ساڌ ڪير | ـ حميد سنڌي | ١٢٣ |
| ٠٢ ڀاڙي ڀٽي پروڙ | ـ نجم عباسي | ١٢٦ |
| ٠٣ فيروزه | ـ انيس انصاري | ١٢٩ |
| ٠٤ انسان ڪائنات ۾ | ـ حفيظ ڪنڀر | ١٣٣ |
| ٠٥ آومر ۽ ماهو | ـ سنڌيڪار: ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل | ١٤٠ |
| | ترتيب ۽ گهولا: جميل زبيري | |
| ـــ تبصرا | | ١٤٢ |
| ـــ ادبي خبرنامو | | ١٦٣ |

# شاعري

# سر ڏهر مان بيت

مٿو آهين ٻچ، ٿلهو ٿو ٿونا هڻين،
جا تو ڏٺي اڄ، تنهن پاڻيءَ پنا ڏيهڙا.

ڏوران پسي ڏور، وهين جي وهرون ڪري،
هوند نه وڏي هور، ماڻگرياڻي مڇڙا.

ڪُنڊي ڪلين وچ ۾، جڏهن هڻي جن،
موٽي مون پرين، ڪلڻ جي ڪاڻ ڪئي.

ڪُنڊي ڪلين وچ ۾، جڏهن هڻياڻون،
موٽ نه مارياڻون، ڏور وڄهي ويا ڏک جي.

— ڀٽائي رحم

## مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ"

محبوب جون ھني مشتاق اکيون،
ھو دلبر، ھي عُشاق اکيون.

ھو حق جو حُسن ھسائن ٿيون،
ھو عرشان پار پڄائن ٿيون،
معراج ڪمال ڪرائن ٿيون،
مون لاءِ ٿيون بُراق اکيون.

ھو زھريلا ٿيون تير ھڻن،
سي تير وھائيو خوب وڄن،
جي ڪين جيئن ۽ ڪين مرن،
تن ڪاڻ ٿيون ترياق اکيون.

محبوب ٻه ٻوه ٿو پيار ڪري،
عاشق ٻه تڏاھين آر ڪري،
۽ عشق تڏھن آزار ڪري،
ٻھرين چنبڙن جڻن چقماق اکيون.

نازڪ تھون ڪين نحيف ٿيون،
سي ھرگز ڪول ڪسيف ٿيون،
جي اصلؤن لال لطيف ٿيون،
اکين ۾ ڪن اوطاق اکيون.

درشن جي لئه دلال ٿين،
پيغام وصال جا خوب ڏين،
ٻو "طالب مولا" محب ملن،
جڏھن ڪن ٿيون اڇي الحاق اکيون.

## نياز همايوني

### غزل

مون کي زندگيءَ جي خاطر، توسان پيار ڪرڻو آهي،
اهو پيار موت ٿي پيو، ته به مات ٿيڻو آهي.

تون ڪڪر ۾ چنڊ وانگر يا گلن ۾ بوءِ وانگي،
تون لڪي ڪٿي ويو جاني! تو کي ڳولي لهڻو آهي.

مون کي دل جو درد بخشي، تو تونگري عطا ڪئي،
تو به تنهنجي در جو سائين! ٿي فقير هلڻو آهي.

مون اداس رات ٿي ڪئي، تنهنجي ياد سان سرهي،
تنهنجو عمر رهي سلامت، مون کي ڪفن به جڙڻو آهي.

تون سوال زندگيءَ جو، تون جواب هر خوشيءَ جو،
تنهنجي مهر جنهن جي قسمت، اهو ڪين مرڻو آهي.

تون بهار بشجي آئين، ته خزان به راس ايندي،
مان قدم قدم تان صدقي، تو کي ائين جي اچڻو آهي.

تنهنجي مرڪ سان مرڪيون، ٽيون ٽيڙن چمن ۾،
تنهنجي قرب سان ٿي قائم، سڄو رنگ رهڻو آهي.

مون کي جنتن برابر، تنهنجي سار تنهنجو سايو،
هيءَ هيڪلائي دوزخ، مون کي تو ڏي ورڻو آهي.

مون کي زخم زندگيءَ جا، مان روئان ٿو رت جا ڳوڙها،
اڃا ڪهاوَ ڏي زمانا، اڃا اهنج سهڻو آهي.

تون جي مهربان مون تي، ته نيازمند مان ٿي،
هي 'نياز' ليڪ تنهنجو، تو کي لنگ رکڻو آهي.

## تنوير عباسي

گيت منهنجا
جن ڪنديون رابيل جون،
چيٽ جي سالجهي ۾ جي،
تنهنجي ڪراهن کي وڪوڙي وبون،
تنهنجي وارن جي ولڪوڙن ۾ وڪڙ ڏيئي آڙيون،
جن جي سڳنڌ تو ساهه سان الدر ڪئي،
مات ٿيو تنهنجو غرور.

## نئين لهي ڏانهن

(سرمد جي وطن ورڻ جي خبر تي)

منهنجي ميرالجهي من تي ڪو سورج جهلڪا ڏيندو،
ايندو ساجن ايندو.

منهنجي جيون جي مقصد کي مون کان اڳتي ليندو،
ايندو ساجن ايندو.

مون جا مٺا مچائي آهي، ان جا مٺتڙ ڪوليندو،
ايندو ساجن ايندو.

ماڻهوءَ موهه جو منهنجي من ۾ سو جڳ کي آڇيندو،
ايندو ساجن ايندو.

آءٌ ته ماضي آهيان سائين، هو مستقبل ٿيندو،
ايندو ساجن ايندو.

لهندو مان هو پاڻ مٽيءَ جو مون کي مٽيءَ ڪڍيندو،
ايندو ساجن ايندو.

## تاج بلوچ

# آخري منظر

منهنجا ڪجهه خط ۽ تصويرون، تو ڦاڙي اماليا آهن
جي پوئين سرلامي تان ڦٽيندي، مون تائين پهتا آهن.
پر منهنجون پيون ۽ شيون ڪي آهن
جيڪي تو وٽ هونديون!
مون ڏانهن اماڻي ڏي.

تو سان گڏ رهندي
ڪجهه ڪوتائون ۽ اڌورا سپنا سرجي پيا ها
جيڪي تو سيرانديءَ ڪان پنهنجي وهاڻي جي ڇتوَ ۾ ڇپايا ها
سي اڌوريون ڪوتائون، اڌورا سپنا والدا جي هجن!
مون ڏانهن اماڻي ڏي.

سالوڻ جي پهرين، ڪومل ۽ ڪنواري وسڪاريءَ ۾
تنهنجي بدن جي چالڊوڪي
جسم جي پور پور جي هر ڳرڪي ٽوڙي
منهنجي اکين جي آڳر ۾ جرڪي پيئي هئي
سالوڻ جي ان ڪومل ۽ ڪنواري وسڪاري وارو سو لمحو
تنهنجي جسم جي پور پور جي ڳرڪين مان
منهنجي اکين جي آڳر ۾ آيل
سا رمجهم رمجهم چانڊوڪي
تو وٽ منهنجي امانت آهي
مون ڏانهن اماڻي ڏي.

تنهنجي گهر جي ڏاکڻ جي منهين ڪمري ۾
ان-چڻ رُت جو لوهو مان ڳڻي پوهڻ جو آيو هو
هڪ بلنڪيٽ ۾ گڏ هوندي بي ڏار هئاسين
۽ ڏڪندي ڏڪندي رات جا گذري هئي
رات اها پڪ تو وٽ هوندي!
مون ڏانهن اماڻي ڏي.

مون کي لياءِ انياءِ جي جهيڙي ۾
ميني ۽ پيشاني تي جيڪي گهاءُ رسيا ها
تن زخمن کي تو پنهنجي پوتيءَ سان صاف ڪيو هو
تنهنجي سا رَت هاڻي قاتل پوتي
تنهنجي ڪمري جي ڪنهن ڪنڊ ۾ هوندي!
مون ڏانهن اماڻي ڏي.

لنڊ ۽ جاڳ جي حالت ۾
مون پنهنجي پرلڏ ليٽن ۾
تنهنجي مهتاب صفت جلون کي جاءِ ڏني هئي
هن ڀاسي ايندي
سي اوجاڳيل ۽ پرلڏ اکيون
ايڏالهن چڏي آيو آهيان!
مون ڏالهن اماڻي ڏي.

تنهنجيءَ شاديءَ کان اڳ ۾
تو ۽ مون 'مولا جي قدمن' ۾ ويهي، لير وهائي
گڏجي مرڻ–جيئڻ جو عهد ڪيو هو
مرڻ تہ پاڻ سان مون آلدو هو
جيئڻ وارو عهد جي تو وٽ ساليل آهي!!
مون ڏانهن اماڻي ڏي.

منهنجا ڪجهہ خط ۽ تصويرون
قاتل قاتل مون تائين پهتا آهن
پر منهنجون پيون ٻہ شيون ڪي هولديون
جيڪي تو وٽ آهن، ها آهن
مون ڏالهن اماڻي ڏي
سڀ مون ڏالهن اماڻي ڏي.

## امداد حسيني

### انڪار

جنهن جي هر موڙ تي جدائي آ
جنهن جو هر چاهه بي وفائي آ
جيڪڏهن زندگي اهائي آ
ته نه گهرجي زندگي اهڙي.

هيءَ جيڪا اکين ۾ آئي آ
ڪنهن تتل سيخ جڻ چڀائي آ
جيڪڏهن روشني اهائي آ
ته نه گهرجي روشني اهڙي.

ڪوڙ ناهي اهائي سچائي آ
تو آها ڳالهه جا لڪائي آ
جيڪڏهن دوستي اهائي آ
ته نه گهرجي دوستي اهڙي.

### ٻهرين ۾ ٻوه

توسان جڏهين سڃاڻ ڄاڻ نه هئي،
وقت ڪيڏو نه ٿي سٺو گذريو!

لڙڪ پنهنجا هئا ٽهڪ پنهنجا هئا
لوڻ پنهنجو هو چهڪ پنهنجا هئا
پاڻ ٿي پاڻ ۾ اڪيلو هوس
پاڻ ٿي پاڻ لاءِ ميلو هوس
هاڻ ساڻ آهيون ڌار ڌار آهيون
هڪڙي ٿي وڻ جا ڄڻ ته ڏار آهيون

توسان جڏهين سڃاڻ ڄاڻ نه هئي،
وقت ڪيڏو نه ٿي سٺو گذريو!

# باک جي ساک

ساکَ سان ٿو چوان، باکَ ڦٽندي ضرور
رات کٽندي ضرور.

ٿورڙي دير لئه آ الڏيرو تہ چا
ميل اڌ ميل ٿي آ سويرو ادا
بس رکو ٿورڙو وِکَ کي تيز ڪر
جاڳندو رکُ اکين کي لہ ٿي بي خبر
ختم ٿيندو آوس ڏُکَ ۽ ڏوجهرو
سنڌ جي مينڌ مان صبح جو سوجهرو
چا بہ ٿي ٻني کشي آهہ ڦٽو ضرور
آ پيشون پيهر جو پنڌ کٽو ضرور
رات کٽندي ضرور.
ساکَ سان ٿو چوان باکَ ڦٽندي ضرور.

روشنيءَ جي اُجهايو مٿان پياس کي
اکڙين جي وِسايو مٿان آس کي
مسجدن ۾ اِجها بانگ آئي اِجها
گهنڊ گرجا منجهان بس اِجهو گونجندا
سنک مندر ۾ وڄندا اِجهو ڪي اِجهو
دوستو! ساٿيو! ڀينرو! ڀائرو!
ڪڪ پرهہ جا پکي لات لنوندا ضرور
سوجهري کي پليکار چوندا ضرور
رات کٽندي ضرور.
ساکَ سان ٿو چوان باکَ ڦٽندي ضرور.

## عنايت بلوچ

### گيت

اچو تہ گڏجي سڏجي يارو، گيت پريت جا ڳايون،
روح کي راحت جو ڀڃائي، سو سنگيت سڻايون.
ديسين پنهوارن ويڙهيچن جون ڳالهيون ورجايون،
پيار کي پنهنجو پيار بنائي، ناتا اينهن نڀاهيون.
ذات قبيلن فرقن وارا، ويڇا سڀ وڃايون،
ڦوري ڳالهہ وساما ڏاڍا رٺلن کي پرچايون.
وڻ وڻ جي ڪانيءَ جي بدران، گڏجي زور لڳايون،
راهہ وڃايل رولاڪن کي منزل تي پهچايون.
سنڌ وءِ مان نا اڄ آجهايون، سونا سنگ اڀايون،
شال رهي سو ساٿ سلامت، جنهن سان زنده آهيون.
سنڌ جي سينڌ کي سندر لائي، لال ڪنوار بڻايون،
هاڻي هتڙي يارو هڪڙو عزم ڪرڻ ٿا چاهيون.
ديس جي دشمن کي ڌرتيءَ تان ٽڪڙي پاڄ پڄايون،
جيڪي ڏُريائين ڏاريا آهن، ميٽ الهن جا ناهيون،
پنهنجن رَت سڳيڻ جي لڏ عين "عنايت" آهيون.

## مظفرحسين جوش

### غزل

زندگي شعلہ و شبنم آهي،
هي جهان ديدهٔ پُرنم آهي.

منهنجي اشڪن کي حقارت سان نہ ڏس، اشڪ منهنجو گل و الجبر آهي.
ڇا خبر ٿو کي وسارڻ وارا، ڪيئر محرور تبسم آهي.
تون تہ فردوس بداماں آهين، منهنجي دامن ۾ جهنم آهي.
منهنجي برباد نگاهن ۾ اجان، تنهنجو ئي حسن تبسم آهي.

مخدوم امين ”فهيم“

## ڪي

ڪهڙي سبب مون کي وسارين وساري،
ساهه تو سُهڻل، تو کي ساري.
هيڏي ڪڏهن تو دير نه لاتي، مولا ڪري هجي وڏڙي حياتي،
قرب ڪري وچ منهنڙو ڏيکاري.
پيارا، وڃي پرديس وسايئه، ياد وطن جي ليئي نه آيئه،
تو کان سوا ڏک ڏينهن تو ڏاري.
تنهنجي ”فهيم“ کي تات ۽ تاري، هجر ۾ گهٽين دلڙي گهاري،
تنهنجي پيارا پيس پناري.

احسن الهاشمي

●

آرزو سڀڪا نه ناڪام وڃي ٿي ٿيندي،
زندگي ڪهڙي نه پُرآلام وڃي ٿي ٿيندي.
ٿي حياتيءَ جي پڄاڙي نه فنا کي سمجهيم،
زندگي واقف انجام وڃي ٿي ٿيندي.
تون ڪلي مرڪي جي گهٽ وڌ به چوين سو به چڱو،
ڳالهه انداز سان دشنام وڃي ٿي ٿيندي.
مون ڏي محفل ۾ نه ڏس مرڪي سڄڻ جو تنهنجي،
پارسائي به ته بدنام وڃي ٿي ٿيندي.
مون غم عشق لڪايو نه لڪيا اشڪ فراق،
منهنجي تنهائي لب بام وڃي ٿي ٿيندي.
عمر رفته کي ڪريو ياد اکيون پرجو اچن،
پختگي عقل جي چو خام وڃي ٿي ٿيندي.
منهنجا اشعار ٻڌي اهل سخن فرمايو،
شاعري داخل الهام وڃي ٿي ٿيندي.
هم سفر منهنجا ڪٿي پهتا الائجي ”احسن“
دور منزل ۽ هتي شام وڃي ٿي ٿيندي.

محبوب سروري

## غزل

عشق مون کي اهڙي سهڻي ساڻ يارو ٿي ويو،
اوج تي آ منهنجي قسمت جو ستارو ٿي ويو.

جنهن ڏنو هن کي اهو الله وارو ٿي ويو،
ڏوهه هن جا ڌوپجي ويا صاف سارو ٿي ويو.

جنهن هنيو پارس کي پاسو سون سارو ٿي ويو،
جيڪو هن جي پير ۾ آيو سو پلارو ٿي ويو.

پيار هن جي ساڻ کٿيئي ملڪ ۾ مشهور ٿيا،
هن جو لالو ورتو جنهن سو ناميارو ٿي ويو.

پيار هن جو آهه بي پهچن جي لئي پردو پناهه،
عشق ان جو بي سهارن لئي سهارو ٿي ويو.

تن جي قدمن کي چمن ٿا قيصر وکسريٰ جا تاج،
جنون کي حاصل آ سندس نوري نظارو ٿي ويو.

هن کي تي هرڪنهن کري کوني جي دل جي پئي خبر،
جو ته اڄ منصور آهي ملڪ سارو ٿي ويو.

ماهه ڪامل موج ۽ مستي ۾ هو چوڏهينءَ جي رات،
هو جڏهن آيو اڱڻ تي چنڊ ڪارو ٿي ويو.

مون کي دوزخ ۾ ڌڪڻ وارا ٿا جنت ڏي چڪين!
جنبش ابروئي جانان جو اشارو ٿي ويو.

منهنجي سڪ سنڌو ندي جي سير ۾ ٿي سرخرو،
موج ۾ ميهر مليو هر ڪُن ڪنارو ٿي ويو.

اهلِ دل، اهلِ ادب، اهلِ نظر، اهلِ وفا،
سروري صاحب خدا کي آ پيارو ٿي ويو.

## ولي محمد "وفا" پلي

### غزل

رنگ وءُ جو تنهن سراب ٿئي،
ها! جنهن نشو شراب ٿئي.
باغبان کي ڏجي تصور اهو، بار جوڀن کان جي گلاب ٿئي.
جي شب ماهتاب ۾ گڏجن، پارسائي اٿي حجاب ٿئي.
تنهنجي فرقت جو ڇو عذاب ٿئي، تنهن کان سر تي پلي شهاب ٿئي.
دل ۾ قنديل غم کجي روشن، ساغر مئي ۾ ماهتاب ٿئي.
هوري هوري خمار شب کهجي، رفته رفته سرور خواب ٿئي.
هن جي فرقت جي رات کان اڳ ۾،
اي "وفا" عمر جو حباب ٿئي.

## رحيم بخش "قمر"

عشق نه آهي عُقاب!
لينهن خدا جي نعمت آهي!
عشق آ رهبر، عشق آ راحت،
عشق اَلَستي آهي امانت،
عشق ٻرهه جو باب!
لينهن خدا جي نعمت آهي!
لينهن "ذَبِيحُ اللهِ" ليايو،
کاتيءَ سان تي کَنڌ ڪٽايو،
خُوبُ خليل جو خوابُ!
لينهن خدا جي نعمت آهي!
موسيٰ ڪليمُ اللهِ پلارو،
ليٿين ڏٺو جنهن لينهن نظارو،
طور نه جهليو تابُ!
لينهن خدا جي نعمت آهي!
سيون ڏيئي سورهيه سڏجن،
"قمر" ڪُسن کي قرب تامجهن،
لينهن خدا جي نعمت آهي!
عشق نه آهي عُقاب!

## ٻدر قريشي

●

منهنجي ماحول ۾ ڪجھ بہ ناهي،
غم سوا جھول ۾ ڪجھ بہ ناهي.

مون فقيريءَ جو وس ڀاتو ڀر، منهنجي ڪچڪول ۾ ڪجھ بہ ناهي.
گوهر لو فيض رسالي سڀ ڪي، ڪوهہ جي ڏول ۾ ڪجھ بہ ناهي.
اصل شي آهي عمل لئي ان تي، عقل جي قول ۾ ڪجھ بہ ناهي.
ذهن لو حسن تراشي ورلہ، جسم جي ڊول ۾ ڪجھ بہ ناهي.
ايڏو آواز کان مرعوب نہ ٿيو، دهل جي ٻول ۾ ڪجھ بہ ناهي.

”ٻدر“ ڳالهائي ٿو مون ۾ ڪوئي،
ورنہ هن خول ۾ ڪجھ بہ ناهي.

## احمد خان مدهوش

### جستجو

پيش ڪئي مون آرزو،
هيءَ خدا جي روبرو.

جنهن جون ڳالهيون ٿو ٻڌان، جا بجا ۽ ڪُوبڪُو.
ڊار ٿيان ان کان نہ مان، ڊار ٿئي مون کان نہ هُو.
اوچتو آواز ٿيو، خوش لحن جي هُوبهُو.
”منهنجي کولا کان اکي، خونِ دل سان ڪر وضو“.
پوءِ مون سان تون ملي، ديد اتڪاءِ دوبدو.
مون چيو اي وحدہ! ڪنهن ڪئي هيءَ گفتگو؟
ذهن سان پُڇڪو آليو، اي پُلبل موڳا متجُو.
پنهنجي من ۾ ڀاڻ کول، چڏ اجائي جستجُو.

سحر امداد

# تابوت

هي گهر
منهنجو مقبرو آهي
۽ ان گهر جو هڪڙو ڪمرو- بند تابوت
ان ڪمري ۾
هي بسترو منهنجو مدفن آهي

ڪي ورهيه، صديون ۽ جُڳ اڳي
منهنجي جيئري وجود کي
'مُشڪ' سان مهڪايل پاڻيءَ جو غسل ڏيئي
'پروفيسي' ۽ 'پوائزن' جي مڌر خوشبوئن ۾ ويڙهي سيڙهي
ڳاڙهي ڪمخواب جو ڪفن ڏيئي
ٻڪريل گلن تي آخري چمي ڏيئي
بند تابوت جهڙي ڪمري ۾ لاٿو ويو هو.

۽ ان رات رڳو تارا ئي هئا
جيڪي پوئين پهر
منهنجي موت تي رنا هئا
۽ ان رات
جا رات
سڀني راتين کان وڌ سهڻي هوندي آهي
چوڏهينءَ جي چنڊ پنهنجي مڌر جوڀن جو
سون گگن تان هاريو هئي
ها اها رات،
ان سياڪيءَ سدوريءَ رات
بستري جي ڳهنجيل قبر ۾
دفن ٿي ويئي هئس مان!

النت اونداهي قبر ۾
هر رات
ڏڦن جيڏا لنهن ٽِنبي
منهنجي مثل هرديه ۾ ڪي جيئاريو ويندو آهي
۽ منهنجي ڪذريل اعمالن جو ڀڇاڻو ليندو آهي
پوءِ اها قبر مون تي سوڙهي ٿيندي ويندي آهي
تان جو منهنجون پاسراٽيون پاسراٽين سان پيچي وينديون آهن.

پر منهنجون ڪيڪراٽيون
قبر ڪان ٻاهر ڀڪڙيل
هيڏي ڪهور سناٽي ۾ به
ڪير سُٽي نه سگهندو آهي!

ڪجهه لمحن ڪان پوءِ قبر ڀڪڙجڻ لڳندي آهي
ڦهلجندي ڦهلجندي
ميلن تائين ڦهلجندي ويندي آهي
۽ ان پل
اڪيلائيءَ جو احساس
تيزيءَ سان سُرلدو
پنهنجي سئو-پيرن سان
منهنجي هيڪل هرديه ۾ ڪي وڪوڙي ويندو آهي
اڪيلائي
جيئن جيئن پنهنجا چنبا ڪوڙيندي آهي
تيئن تيئن ما سورن سان ناتا ويندي جوڙيندي آهي!
اڪيلائيءَ جي ان آجڪر ڪان
بچڻ ڪارڻ مان
هالو ڦاڙي رڙيون ڪندي آهيان
۽
موت ۾ پنهنجي ئي رڙين جا پڙاڏا
ويتر
دپ ڏياري ويندا آهن!

قبر جي اُن گهگهه اونداهيءَ ۾
دوزخ جا آلائي
ڪجهه لمحن لاءِ
روشني وکيريندا آهن
۽ ان کان اڳ جو منهنجون اکيون
روشنيءَ جي نرمل احساس کي جهٽين
مون کي ٽالڻ تي ٽڪايو ويندو آهي
ڳامڻ، ٻچڻ، ٻجرڻ کان پوءِ ڪائي ٽؤلس نه رهندي آهي
وقت جي کولي ڏارا چل چل وهندي رهندي آهي!

ها
پر
ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي
جنت پاسي کلندي ڳڙڪي هڪڙي کن لاءِ کلندي آهي
ٿڏڙي، مٺڙي ۽ مهڪاريل هير به گهلندي آهي
ان هڪڙي کن جي
سُرهي سُرهي ساروڻيءَ کي
پنهنجي پلڪ ۾ ٻڌي ڇڏيان ٿي!

۽
ڌرتيءَ کان آڪاش تائين
ڪيترن نوري سالن تائين پکڙيل
ٻڙيندڙ، ڇيريندڙ، ڇڄريندڙ ۽ ڇڻيندڙ
۽ ڏنگيندڙ اونداهن لمحن ۾
پنهنجي پلڪ مان
ان سُرهي سُرهي ساروڻيءَ جو
هڪڙو پل کولي ڇڏيان ٿي
۽ سڏڪان ٿي!

(پورو ـ اڌورو)

## ادل سومرو

### ٽيڙو

ڪانون جي ڪان ڪان،
بجليءَ جي تارن ۾ ھيو،
لٽڪيل ھڪڙو ڪانءُ.

اٽڪت اوسيئڙو،
چارُ وڃائي ويھي رھيو،
ڪُنڊ ۾ ڪوريئڙو.

لڪو ڏيپ لـ چرڪ،
سنگتُ ڇُڪي ويھي رھيو،
اوڙي مٿان جھرڪُ.

ويڄن وٽ آ ڇا؟
منھنجي ڏُکي دل ڪاڻ،
تنھنجي مُرڪ دوا.

چيتي ۽ ڀوڙھو.
مٿان تيز مينھن ۽،
رستو ھو سوڙھو.

ڀولي ڀيئي ڀاتَ،
ٽڪل سالجھي ٽرَ جي،
واري ساري واتَ،

عورتون ۽ ٻار،
سرڪاري لاڪي تي،
ٽالون جي قطار.

ٻادل ڪيو رقص،
شيشي تي ٻولدون ڪريون،
ڏنڏاو ٽي ٻيو عڪسُ.

## ذوالفقار سيال

### غزل

توسان سارا لاتا، رشتا، ڳنڍي، ٽوڙي ڪين سگھان ٿو،
سامھون آھين آئون پران ٿو، دور جي آھين تہ ٻہ تڙپان ٿو.

ياد اچني ڪو ڪذريل ويلو، بس خطن جيان ساڙي ڇڏچان!
ڪنھن ڪي ايڏي آھي فرصت، ڳالھيون ڪھڙيون سان سوچان ٿو.

ٻنھنجو چاھہ لـ آھي سالڻ! جيون جي ڊرامي جو ڀارت،
ولت جي ڪئميرا جي آڏو، آئون وري تو ڪان وڇڙان ٿو.

ٻنھنجو ٻي تون لاھين، ليڪن ڏاريو ٻي ٻر ڪين لڳين ٿو،
تنھنجو ھرڪو تھر قبولي، دل ۾ پيار جو درد ٻريان ٿو.

خواب اسان جي ليٽن ۾ جي ٻل ٻل تنھنجا ساليڊيل آھن،
سي ٻہ سپنا روڙي ويو ڪو، جن جي خاطر آئون جيئان ٿو.

**بشير سيتائي**

●

هٿ ۾ هٿ مِلاءِ، تہ جيون جرڪايون،
جوڀن - رت ملهاءِ، تہ جيون جرڪايون.

ڪوڙ لسورو ڪوڙ، خزالو ڪالر جو،    سچو لينهن لياءِ، تہ جيون جرڪايون.
چاليل دل جي دليا ۾ چو آهہ آماس،    جرڪي جوت جلاءِ، تہ جيون جرڪايون.
پنهنجي وچ تون هاڻ ڦُلڪڻا ڀيرن جا،    تڪڙي وِک وڌاءِ، تہ جيون جرڪايون.
ڪيڏو آ طوفان، تلاطم درياءَ ۾،    پنهنجي ناوَ ہنجاءِ، تہ جيون جرڪايون.
روز پڙدون ٿا راڳ اهوئي ٻاروٿو،    گيت نئون ڪو ڳاءِ، تہ جيون جرڪايون.
ڏک جو ديو ڪري ويو واسو وستيءَ تي،    منڙي مرڪ ورهاءِ، تہ جيون جرڪايون.
سچارن کي سڏ ڪري اي پيار ”بشير“،    ميڙو ڪو تہ مچاءِ، تہ جيون جرڪايون.

**واجد**

## گڏيل انساني برادري

هڪ طرف،
سموري دنيا جا، مهذب انسان-
وڏي وڏي،
هڪ ٻئي جون پُوتيون ٻئي-
هڏيون چباڙي رهيا آهن.
ٻئي طرف،
ايتمي طوفان،
کولي جنگ ۾ مصروف،
’مهذب‘ انسان طرف،
بي آواز وڌي رهيو آهي.
پر هو سڀ مهذب وحشي،
بي خبر - بي خطر،
وڙهي رهيا آهن.
ڪري رهيا آهن - مري رهيا آهن!!
آءٌ جڏهن،
انٽرنيشنل ادارن پاران
’گڏيل انساني برادري‘ وارو
اصطلاح ٻڌندو آهيان،
تڏهن،
ٺهڪ ڏئي کلندو آهيان
ڊاڍ ڪرون ڏئي رئندو آهيان!؟

# مقالا

# سر ڏهر مان بيت

ڪرڪي ڳالهڙيون، ڪنڌا ڍور ڏٿين جون،
ڪئن سي راتڙيون، ڪنهن پر ڏينهن گذارئين.

ڪر ڪا ويهي ڳالهه، ڪنڌا ڍور ڏٿين جي،
هوڙي اڄ تون حال، ڏکيا ڏينهن گذارئين.

ڪنڌا تو ونان، سچ ڪ سيٺن لڌيو؟
مچر تو منجهان، چٽيو پون چڱا ڪيو.

ڪنڌا ڪچاڙيان، اڀو آهين ريل ۾؟
هرين بچاٽان، سڪي پانگهر نہ ٿئين.

— ڀٽائي رحہ

# حضرت قلندر شهباز

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

## نالو ۽ لقب

عام طرح ڪين قلندر لعل شهباز سڏيو ويندو آهي. سندس اصلي نالو سيد عثمان آهي، ٻيا سمورا سندن لقب آهن، جي هن طرح بيان ڪيا ويا آهن:- لعل، شهباز، قلندر، سيف السلسان، شمس الدين، مهدي ۽ مخدوم.

## نسب

سندن نسب جو سلسلو امام جعفر صادق تائين پهچي ٿو. ماثرالڪرام جي صاحب سيد غلام علي آزاد بلگرامي ڏيکاريو آهي، ته سندن نسب شريف تيرهن واسطن سان امام جعفر صادق تائين پهچي ٿو. لب تاريخ سنڌ جي صاحب جيڪو شجرو ڏنو آهي، اهو به تيرهين پيڙهيءَ ۾ امام جعفر صادق سان وڃي ملي ٿو. تحفة الڪرام جي دستخط نسخي تي جيڪو سندن شجرو ڏنل آهي، اهو به تيرهن واسطن سان امام عالي مقام تائين پهچي ٿو، پر ڪيترن نالن جي هنڌان اڏيهي ڪائي وئي آهي. لب تاريخ سنڌ ۾ شجرو هن طرح آيل آهي.

(١) حضرت عثمان مروندي (ميمندي) عرف لعل شهباز بن (٢) سيد ڪبير بن (٣) سيد شمس الدين بن (٤) سيد نور شاه بن (٥) سيد محمود شاه بن (٦) سيد احمد شاه بن (٧) سيد هادي بن (٨) سيد مهدي بن (٩) سيد منتخب بن (١٠) سيد غالب بن (١١) سيد منصور بن (١٢) سيد اسماعيل بن (١٣) امام جعفر صادق رضي الله تعاليٰ عنه.

قلندر نامه سنڌي (٢) جي مصنف "سيد غالب" جي ڪن شجرن ۾ سيد ڪبير جي بدران سيد ابراهيم آيو آهي. ڪتاب تعارف هنديءَ واري شجري ۾ "ابراهيم ڪبيرالدين" آيل آهي. قلندر نامه سنڌيءَ (ص ٦) جي مصنف جو رايو آهي ته "اهو انهيءَ ڪري آهي، جو ڪبيرالدين سندن لقب ۽ ابراهيم سندن نالو مبارڪ هو." قلندر نامه جي مصنف وڌيڪ لکيو آهي ته سندن والد کي سيد ابراهيم جوابي به ڪري چوندا هئا.

حضرت قلندر شهباز جي والد بزرگوار جي ولادت جمادي الثاني ٥٠١ هه ۾ ٿي ۽ ٥٢٠ هه ۾ وفات ڪيائون. سندن حرم محترمه يعني حضرت قلندر شهباز جي والده سندس حياتيءَ ۾ ڪجهه

(١) لب تاريخ سنڌ، خدا داد خان، ص ٦

(٢) قلندر نامه سنڌي - حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ص ٥

يعني ٥٣٨هه ۾ سندن ولادت ٿي. ١١٢ سال سندن عمر هئي ۽ ٦٥٠هه ۾ سندن وصال ٿيو. مقالات‌الشعراء ۾ ٦٤٣هه (١٢٤٣ع) ڄاڻايل آهي ۽ تاريخ وفات هن طرح منظوم ڪيل آهي:

چون رفته سري جنان آن شيخ،
ڪون زبده آل و پاڪ نام است.
از هاتف غيب مي شنيدند،
عثمان به دوازده امام ست.
٦٦١+١٢=٦٤٣ (٦٤٣هه)



# حوالا ۽ سمجهاڻيون


(١) سيد تاج محمود امروٽي: "القرآن العظيم" (مترجم سنڌي)، تاج ڪمپني لميٽيڊ ڪراچي سنڌ، ص ٢٢٣.

(٢) سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميه" (اردو)، جلد ڏهون، دانش گاهه پنجاب لاهور، ١٩٧٣ع، ص ١٥٢.

(٣) سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر، "اردو دائره معارف اسلاميه" (اردو)، جلد ٿاٺون، دانش گاهه پنجاب لاهور، ١٩٧٢ع، ص ٣١-٥٣٠.

(٤) محمد حبيب الرحمان، "تذڪره صوفياء ميوات" (اردو)، ميوات اڪيڊمي گهاسيڙه ضلع ڪوڙ گانون، ١٩٨٥ع، ص ٣١-١٢٥.

(٥) سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر، "اردو دائره معارف اسلاميه" (اردو)، جلد ٿاٺون، ص ٥٣١.

(٦) سيد محمد عبدالله، ڊاڪٽر: "اردو دائره معارف اسلاميه" (اردو)، جلد ويهون، دانش گاهه پنجاب لاهور، ١٩٨٤ع، ص ٦٧٥.

(٧) ايضاً، ص ٦٧٤.

(٨) ايضاً، ص ٦٧٥.

(٩) ايضاً، ص ٦٧٦.

(١٠) ايضاً، ص ٦٧٧.

(١١) علي بن حامد ڪوفي: "چچنامو"، مترجم مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ١٩٥٤ع، ص ٣٤٨-٣٤٧.




# برٽش ميوزم لنڊن ۾ سنڌي قلمي نسخا

غلام محمد لاکو

ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ ٽالپرن حڪمرانن ۾، صلح ۽ دوستيءَ جي معاهدن بعد، سنڌي ساهت ۽ زبان جي مطالعي ۾ واڌارو ٿيو. متعدد انگريز عالمن ۽ سياحن ان ڏس ۾ گهري دلچسپي ورتي. انگريزن سال ١٨٤٣ع ۾ ٽالپرن کي شڪست ڏني ۽ سنڌ تي غاصبانه حڪمراني قائم ڪئي. ان ريت انگلينڊ ۽ سنڌ جي لاڳاپن جو نئون باب شروع ٿيو. هڪ طرف سنڌي زبان جي متفق رسم الخط تيار ڪري، ان جي ترقيءَ لاءِ راهه هموار ڪئي وئي، ته ٻئي طرف سنڌي ساهت ۽ علم جا برطانيه ۾ پڻ مرڪز قائم ٿيا. اهڙن مرڪزن ۾ انڊيا آفيس لئبريري ۽ برٽش ميوزم کي خاص اهميت حاصل آهي. سرڪاري عملدار، سياح ۽ مشرقي علومن جا ماهر، جيڪي ڪتاب ننڍي کنڊ مان حاصل ڪندا هئا، اهي آخرڪار برٽش ميوزم لنڊن کي ڏيندا هئا، يا وري انڊيا آفيس جي ڪتبخاني ۾ جمع ڪرائيندا هئا. اوڻيهين صديءَ جي آخر ڌاري هنن لئبريرين ۾ موجود فارسي ۽ عربي مخطوطن جي مطالعي سان گڏ، هندستان جي ٻين مقامي ٻولين کان علاوه، سنڌي زبان جي قلمي ڪتابن جو اڀياس ٻن هٿ ۾ کنيو ويو. ڏهه سال کن اڳ انڊيا آفيس واري سنڌي قلمي ذخيري بابت، ڊاڪٽر ڪرسٽوفر شيڪل هڪ بهترين ڪيٽلاگ تيار ڪيو، جنهن کي بنياد بنائي هن مضمون جي ليکڪ هڪ تنقيدي ۽ تشريحي پيپر شايع ڪيو آهي (١). برٽش ميوزم ۾ موجود قلمي ذخيري بابت اڀياس جو آغاز البت گهڻو اڳاٿو شروع ٿيو. ان ڏس ۾ جي. ايف. بلومهارڊٽ (٢)، جي ڪيٽالاگ کي خاص اهميت حاصل آهي. هارڊٽ سنڌي مخطوطن کان علاوه، هندستان جي ٻين ٻولين جهڙوڪ: مرهٽي، گجراتي، بنگالي، آسامي، اوڙي ۽ پشتو ٻولين جي اڻڇپيل ڪتابن جو پڻ تعارف ڪرايو. هي ڪيٽالاگ لنڊن مان سال ١٩٠٥ع ۾ ڇپيو هو (٣).

---

(١) انڊيا آفيس لئبريري لنڊن ۾ سنڌي قلمي ڪتاب، رسالو مهراڻ ١٩٨٦/٣.

(2) J.F. BLUMHARDT M.A.

(3) Catologue of the Marathi, Gujarati, Bengali, Assamese, Oria, Pushtu and Sindhi Manuscripts in the Library of the British Museum, London, 1905 A.D.

هن ڪيٽالاگ ذريعي معلوم ٿيو تہ برٽش ميوزم ۾ سنڌي قلمي ڪتابن جا ڪل ٻارنهن جلد موجود آهن. انڊيا آفيس جي ذخيري والگر برٽش ميوزم ۾ پڻ مخدوم محمد هاشم جي ڪتابن جي ڪثرت آهي. ان کان علاوه شاھ جو رسالو بہ آهي تہ مخدوم عبدالله جا ڪتاب بہ هت پهتا آهن. جي. ايف. بلومهارڊٽ يونيورسٽي ڪاليج لنڊن ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ هندي ۽ بنگالي ٻولين جو پروفيسر هو. سنڌس هن ڪيٽالاگ سنڌي ساهت جي اپياس ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪيو ۽ ان کي پوءِ اين. ايم. بليموريا پڻ پنهنجي سنڌ ۽ بلوچستان بابت ببليوگرافيءَ ۾ شامل ڪيو (١).

انڊيا آفيس لئبريري ۽ برٽش ميوزم ۾ موجود اڻ ڇپيل سنڌي ذخيري بابت ان قسم جا تيار ڪيل ڪيٽالاگ ۽ ڪتابڙا ويهين صديءَ جي آغاز ڌاري نروار ٿيا. انگريزن ان بعد بہ اڌ صدي سنڌ تي راڄ ڪيو. خاطري آهي تہ پوءِ واري عرصي ۾ هنن پنهي ادارن ۾ سنڌي قلمي ڪتابن جو تعداد اڃا بہ وڌيو هوندو. ان کان علاوه ان ذخيري بابت ڪم ڪندڙ ۽ ڪيٽالاگ تيار ڪندڙ اديب ۽ محقق سڀ جا سڀ غيرسنڌي هئا. انهن کي نہ تہ سنڌ جي ساهت تي عبور حاصل هو ۽ نہ وري ڪين سنڌي ادب بابت ڪا مڪمل معلومات ميسر هئي. انهيءَ ڪري انڊيا آفيس توڙي برٽش ميوزم ۾ موجود سنڌي مخطوطن بابت ان قسم جي فراهم ڪيل معلومات اڌوري ۽ اڻپوري سمجهڻ گهرجي. ان صورتحال ۾ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي جو ڪو سنڌي عالم لنڊن ۾ ويهي پنهنجي ساهت بابت نئوس مطالعو ڪري ۽ ان متعلق حقيقتن تي مبني مواد فراهم ڪري. بهرحال جيسين ڪو سنڌي هٿ انهن مخطوطن تائين پهچي، ڊاڪٽر شيڪل ۽ بلومهارڊٽ جا ڪيٽالاگ ان ڏس ۾ وڏي وقعت رکن ٿا. هيٺ اسين هارڊٽ جي مدد سان، برٽش ميوزم ۾ موجود، سنڌي قلمي مخطوطن جو سرسري ذڪر ڪنداسين. هن صاحب هرهڪ نسخي جي سڃاڻپ ڏيندي، ان جو آغاز قديم رسمالخط ۾ ڏنو آهي. ان قسم جي مطالعي دوران هت بهرحال جديد صورتخطي ڪتب آندي وئي آهي. دوست عبدالرسول قادري ڪن نقطن بابت وضاحت مهيا ڪئي، جنهن جو ٿورن سان اعتراف ڪجي ٿو.

## (١) مخدوم محمد هاشم جا ٻہ ڪتاب

هن جلد ۾ مشهور عالم دين مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جا شعر ۾ ٻہ مذهبي ڪتاب داخل آهن. هي جلد برٽش ميوزم ۾ A.D.D. 26331 نمبر تي موجود آهي. ڪيفيت هن ريت اٿس - ڪل ورق ٢٤٣، ڊيگهہ اٺ انچ، ويڪر ساڍا چار انچ، هر صفحي تي تيرنهن کان سورنهن سٽون، سٽن جي ڊيگهہ ٽي انچ. ڪتابت سال ١١٥٢ھ (١٧٣٩ع).

(1) N.M. Billimoria "Bibliography of Publications relating to Sind and Balochistan", P.P. 66-71, 1930 (Reprint: Lahore 1976).

# ”نورجهان“ ناول جو جائزو

عبدالقيوم ”صائب“

جهڙيءَ طرح ڊاڪٽر گربخشاڻي سنڌي ادب جي هڪ اهم شخصيت ليکي وڃي ٿي، اهڙيءَ طرح هن جي هرهڪ تحرير کي وڏو مان ۽ بلند مرتبو ڏنو وڃي ٿو. ناول ”نورجهان“ هن جي ڀرپور تحرير آهي جيڪا ڪتابي صورت ۾ پهريون ڀيرو ١٩١٥ع ۾ ڇاپجي پڌرو ٿي. جنهن لاءِ سنڌيءَ جو ٻيو لائق ليکڪ منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو: ”هن دؤر جو ٻيو اهم ناول هو ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ جو ”نورجهان“ (١٩١٥ع)، جو سنڌيءَ ۾ پهريون اصلوڪو لکيل تاريخي ناول هو. جيتوڻيڪ ڪن جو چوڻ آهي ته اهو سردار جوڳيندر سنگهه جي اردو قصي جي آڌار تي لکيل هو(١)“. ملڪاڻيءَ جي هن دعويٰ تي اڳتي هلي تنقيد ٿي آهي جنهن جي جواب ۾ ٿيل تنقيد کي قبول ڪندي، ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي لکي ٿو، ”پروفيسر ملڪاڻيءَ جي بيان مان لڳي ٿو ته ڪيس ’نورجهان‘ ناول جو پهريون ڇاپو نظر نه آيو آهي(٢)“. ڊاڪٽر مرليڌر جو هي طرفداريءَ وارو بيان به ڪونه ٿو ٻيهي، ڇاڪاڻ جو ملڪاڻي پاڻ ٿو چوي ”سنڌي ناول به جڏهن کان ڇپجڻ شروع ٿيا تڏهن کان پئي پڙهيا اٿم(٣)“. هاڻي جيڪو ماڻهو شروع کان وٺي ناول پڙهندو رهيو آهي تنهن جي نظر مان ’نورجهان‘ جو پهريون ڇاپو، جيڪو خود ملڪاڻيءَ جي ڏينهن ۾ ڇاپيو ويو، سو نه گذريو آهي، سا ڳالهه دل سان نٿي لڳي. خاص طور تي ان صورت ۾ جو خود ملڪاڻي اها ڳالهه ڪري ئي ڪونه ٿو ته هن پهريون ڇاپو نه ڏٺو آهي. اصل ۾ ملڪاڻي پڻ طرفداريءَ کان ڪم ورتو آهي، پر زماني اڳتي هلي ان طرفداريءَ جي قلعي کولي ڇڏي جڏهن لالسنگهه اجواڻيءَ لکيو، ”گربخشاڻيءَ سنڌي ادب ۾ پنهنجي ڀرپور ڏيکائي ١٩١٥ع ۾ ’نورجهان‘ ناول لکڻ سان ڏني جيڪو سردار جوڳيندر سنگهه جي ساڳئي نالي واري انگريزيءَ ۾ لکيل ناول جو نقل هو(٤)“. ان ڏس ۾ گربخشاڻي ڳالهه کي صاف ڪري ڇڏيو آهي. هو پنهنجي ناول جي ’منڍ‘ ۾ لکي ٿو، ”ٿورا ورهيه ٿيا ته مشهور سردار جوڳيندر سنگهه پٽيالي رياست جي اڳوڻي وزير نورجهان جو قصو انگريزي ٻوليءَ ۾ آئي ’ايسٽ اينڊ ويسٽ‘ مخزن ۾ درج ڪيو هو. هي ڪتاب انهيءَ طرز تي ٻڌل آهي، مگر ان جو رکو لفظي ترجمو نه آهي. اصل حوالا جهڙوڪ تاريخ فرشته، منتخب التواريخ، اقبالنامه، تزڪ جهانگيري، تاڊ صاحب راجستان وغيره نظر مان ڪڍيا ۽ پڙهيا ويا آهن، ۽ ضروري ڦيرڦار ڪري جيتريقدر ٿي سگهيو آهي اوتريقدر نورجهان ۽ جهانگير جي سچي تاريخ ڏني ويئي آهي(٥)“. ان مان ظاهر آهي ته

# ڪلهوڙا خاندان جو مختصر جائزو

عبدالرسول قادري بلوچ

ڪلهوڙا دور تي تحقيق ۽ بنيادي ماخذن جي اشاعت جي سلسلي ۾ اڄ ڪان ٢٢ سال اڳ محترم سيد حسام الدين راشدي فارسيءَ ۾ منشور الوصيت (مصنف ميان نور محمد ڪلهوڙو) جو قلمي نسخو ١٩٦٤ع ۾ ايڊٽ ڪري سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪيو. جيتوڻيڪ ڪلهوڙا دور تي ٻن جلدن ۾ مولانا غلام رسول مهر جي لکيل تاريخ شايع ٿيل آهي. ٻر اصلي فارسي ماخذن جي اشاعت تمام ضروري ۽ پنهنجيءَ جاءِ تي اهم آهي ته جيئن محققن کي اصلي مواد ساموهون رهي ۽ تحقيق جي سلسلي ۾ ڏکيائي نه ٿئي. ان جي پيش نظر راشدي صاحب، منشور الوصيت فارسي سان گڏ ڪلهوڙا دور سان تعلق رکندڙ آڳاٽن ماخذن جا اٺ ضميما به ان ۾ شامل ڪري ڇڏيا. انهن آڳاٽن قيمتي ضميمن ۾ آخري ۽ اٺون ضميمو فارسي تاريخ مائرالامراء (مصنف صمصام الدوله شاهنواز خان، ولادت ١١١١هه، وفات ١١٧١هه) جو آهي. شاهنواز خان هندستان ۾ رهندي به سنڌ جي ڪلهوڙا خاندان بابت پنهنجي تاريخ مائرالامراء ۾ مختصر مواد شامل ڪيو آهي.

علمي ادبي لحاظ کان ڪلهوڙا دور کي سولهري دور چيو وڃي ٿو. صوفين جو سرواڻ، عاشقن جو اڳواڻ، سنڌ جي عظمت جو اهڃاڻ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه به ان علمي دور سان واسطو رکي ٿو، جنهن وطن عزيز ۽ سنڌي ٻولي جو مان ۽ شان مٿاهون ڪيو. سندس رسالو اڄ به يادگار ۽ شاهڪار آهي. بهرحال صمصام الدوله شاهنواز خان پنهنجي تاريخ مائرالامراء ۾ ڪلهوڙا خاندان جي ابتدا ۽ خاص ڪري ميان نور محمد ڪلهوڙي، سندس فرزند غلام شاهه ۽ پوٽي محمد سرفراز خان تائين جو مختصر ۽ سرسري احوال ۽ بيان آندو آهي، جيڪو ڪلهوڙا دور جي همعصر مؤرخ جو سچو پچو ۽ اکين ڏٺو احوال آهي.

جيتوڻيڪ مائرالامراء فارسي جو متن ٽن جلدن ۾ ڪلڪتي مان ١٨٨٨ع کان ١٨٩١ع ۾ ڇپيو هو. ان کان بعد ان جو انگريزي ترجمو به ١٩٤١ع ۽ ١٩٥٢ع ۾ شايع ٿيو هو، ٻر سنڌيءَ ۾ ان اصلي ماخذ ۽ بنيادي مواد جي پنهنجي حيثيت ۽ اهميت آهي، جو سنڌي حڪمرانن جو احوال به سنڌي ۾ هئڻ گهرجي.

اڄ کان ٻه سؤ سال اڳ جو تحرير ڪيل ڪلهوڙا خاندان ۽ دور جي همعصر مؤرخ جو هي احوال تمام قيمتي ۽ آڳاٽو آهي. جيئن ته مغل دور جي تاريخي ڪتاب ۾ سنڌ جي ڪلهوڙا

اهو ٻڌي سندس همشيره چوائي موڪليو ته ”مان اوهان ٻنهي جي خدمت لاءِ اوهان وٽ اچي رهان.“ علامه صاحب انگريزي رهڻي ڪهڻيءَ تي هريل هو، تنهن ورندي موڪليس ته ”پيڻ، اسان وٽ توهان لاءِ جدا بيڊ روم ڪولهي.“ سندس همشيره چيو ته ”ادا، مان بيڊ روم ڪاڏي ڪنديس، مون کي ته اوهان جي خدمت ڪرڻي آهي. رات جو ڪنهن ڪنڊ پاسي مان غاليچي تي آهلي پوندس.“ پر علامه صاحب کي اها ڳالهه پسند ڪانه آئي. هو نهايت نازڪ مزاج ۽ نفاست پسند انسان هو.

سنڌ جا اهل دل ماڻهو بيشڪ علامه صاحب جا عقيدتمند هئا، پر سندن عقيدت جي باوجود علامه صاحب اڪيلوئي رهيو. اٿين ٿي نه سگهيو ته سندن معتقدن جو ڪو وڏو حلقو پٺاڻيءَ والگر سندن اردگرد رهي. چون ٿا ته لنڊن ۾ ويهن-پنجويهن ورهين جي رهائش دوران ڪنهن ”جمعيت“ ناهڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين، پر اها ڳالهه ڪا خاص شڪل وٺي ڪانه سگهي. سنڌ ۾ موٽي اچڻ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ کي سنڀالڻ بعد به شايد ڪيس اهڙو ڪو خيال ذهن ۾ هو، پر ڪن نالائق ماڻهن جي هاڪيءَ ساڪيءَ لڪته چينيءَ تي ناراض ٿي اهو خيال لاهي ڇڏيائين. هن ڪميڻيءَ دنيا ته پيغمبرن کي به ڪونه بخشيو هو. اڳين جا احوال اڳي ٿيا، پر پيغمبر اسلام جي زندگيءَ جو هر واقعو ته رڪارڊ ٿيل آهي. پيون ڳالهيون سڀ ڇڏيو، رڳو طائف جو واقعو ڪيڏو نه ڏکوئيندڙ آهي. ابوجهل ۽ ابولهب ڪير هئا؟ ابوسفيان مڪي جي فتح کان اڳ رسول الله صلعم سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو هو؟ امير معاويه علي رضه سان ڪهڙي پاليسي اختيار ڪئي؟ سندس پٽ يزيد امام حسين سان ڪربلا ۾ ڪهڙو ڪم ڪيو؟ ڇا اها حقيقت ناهي ته بدر ۽ احد جي جنگين ۾ رسول الله صلعم کي ٻنهنجن ئي متن مائٽن سان وڙهڻو پيو هو؟ سچ کي سولائيءَ سان ۽ سڌو سنئون ڪهڙي دور ۾ تسليم ڪيو ويو آهي!

دراصل علامه صاحب جي نازڪ مزاجي هڪ وڏو مسئلو هئي. سندس مغربي زندگيءَ واريءَ رهڻي ڪهڻيءَ معاملي کي هيڪاري سنگين بنائي ڇڏيو هو. هو ننڍي هوندي کان ئي لاڏ ڪوڏ سان پليو هو. سندس وفات کان ستت پوءِ، مون وٽ هندستان مان سندس هڪ هندو دوست جو خط آيو هو، جيڪو هن پنجاهه سٺ ورهين جي وڇوڙي کان پوءِ علامه صاحب جو جو ڪتاب Casual Peeps at Sophia پڙهي الهيءَ اميد سان پورڊ جي ائڊريس تي موڪليو هو ته اٿين علامه صاحب کي ملي ويندو. خط ۾ لکيو هئائينس ته ”توکي ياد آهي ته جڏهن پاڻ اسڪول ۾ گڏ پڙهندا هئاسون ته تون سڄي ڪلاس ۾ سڀني کان عمدو لباس پائي ايندو هئين؟“ اها ڳالهه علامه صاحب جي ننڍي هوندي جي پرورش جي نشاندهي ڪري ٿي. علامه صاحب پاڻ مون کي ٻڌايو هو ته سندس والد مرحوم امام علي قاضيءَ جي اها ڪوشش هوندي هئي ته ”منهنجي پٽ جي بزاري ڇوڪرن سان سنگت نه ٿئي. مون کي هڪ شخص (آخوند عبدالعزيز) اسڪول ڇڏي ويندو هو ۽ پڙهائي پوري ٿيڻ تي واپس وٺي ويندو هو.“

---

”سڀ کان وڏيڪ بي وقوف اهو شخص آهي، جو ننڍن فتنن کي جاڳائي، ۽ جيڪو ڪم آساني سان ٿي سگهي، ان جي نوعيت لڙائي جهڳڙي تائين پهچائي؛ پنهنجي گهڻي قوت تي اعتماد ڪري، دشمن سان هرويرو وڙهڻ جو ارادو ڪري؛ جو تن ڪٿي ’ترياق‘ موجود هجي، پر الهيء جي اميد تي رڳو ڪري ’زهر‘ نه کائڻ گهرجي.“ —سقراط

---

# سنڌ جي تاريخ جو حصو

سنڌ جي آخري تاجدار مير محمد نصير خان ٽالپر
جو انگريزن جي قيد ۾ ڏنل بيان

مترجم
حبيب الله صديقي ڀاڻائي

[نوٽ: آن اهميت جي پيش نظر، جيڪا سنڌي ادبي بورڊ ۽ هي اداره پنهنجي روز اول کان ”سنڌ جي تاريخ“ کي ڏيندو آيو آهي، اداره ”مهراڻ“ فيصلو ڪيو آهي ته آئينده هر پرچي ۾ هڪ حصو سنڌ جي تاريخ جي عنوان لاءِ مخصوص ڪيو ويندو.

”سنڌ جي تاريخ جي حصي“ ۾ تحقيق، تدوين، ترجمي، تڪميلات ۽ حواشي ڏنا ويندا ۽ اهڙا مقالا پيش ڪيا ويندا، جيڪي جديد دؤر جي سائنسي ۽ تحقيقاتي معيارن مطابق تيار ڪيل هوندا. جديد دؤر جي تقاضائن کي پوري ڪرڻ کان علاوه مهراڻ جي هن حصي جي خاص مقصد ۾ هيٺيان عزائم شامل ڪيل آهن:

(الف) ”سنڌ جي تاريخ“ تي تحقيق کي تيز ڪرڻ.

(ب) مقررشده معيارن تي ڪم ڪندڙ محققن ۽ ناقدن جي صلاحيت مان ڪماحقه فائدو حاصل ڪرڻ ۽ سندن تصنيفات کي اشاعت جو موقعو فراهم ڪرڻ.

(ج) تعليمي خواه علمي ۽ ادبي حلقن ۾ مثبت طريقڪار سان ”سنڌ جي تاريخ“ بابت دلچسپي ۽ ڄاڻ ۾ اضافو ڪرڻ.

(د) موضوعات تي بحث خالص علمي مقصد جي دائري اندر مرڪوز ڪرڻ، جيئن 'رب زدني علما' جي دعائي تقاضا مطابق پڙهندڙن جي علم ۾ اضافو ٿيندو رهي.

انهيءَ سلسلي جي پهرين ڪڙيءَ طور اسان محترم حبيب الله صديقي جو ڪيل هڪ سنڌي ترجمو پيش ڪري رهيا آهيون، جيڪو سنڌ جي آخري تاجدار مرحوم مير محمد نصير خان جي ان بيان تي مشتمل آهي، جيڪو هن انگريزن جي قيد ۾ اصل فارسي زبان ۾ قلمبند ڪرايو هو. هن ترجمي ۾ صديقي صاحب جيڪا سليس، عام فهم ۽ روان سنڌي ٻولي استعمال ڪئي آهي، اها قابل ستائش آهي ۽ يقين آهي ته پڙهندڙن کي اهو مواد پسند ايندو.

سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ تاريخ سان دلچسپي رکندڙ فاضلن کي استدعا آهي، ته سنڌ جي تاريخ تي مواد اسان کي موڪلي، علمي سهڪار ڪن، جيئن هن نئين موضوع کي اڃا به وڌيڪ لاڀ حاصل طريقي سان پيش ڪري سگهجي. توقع آهي ته علمي ۽ ادبي حلقن طرفان اسان کي مانائتي موٽ ملندي. ـ ادارو.]

اسان جي پڙڏاڏي مير شهدادخان ڪبير پنهنجي چاچي مير صوبدارخان ڪبير سان ڪنهن ڳالھ تي ڪاوڙجي اچي ڪلهوڙن جي ملازمت اختيار ڪئي ۽ سندن مريد بہ بڻ ٿيو. جيئن تہ هو (مير شهدادخان ڪبير) بلوچن جو سردار هو، تنهنڪري وڏي تعداد ۾ بلوچي سندس پويان سنڌ ۾ آيا ۽ سندس چاچو (مير صوبدارخان ڪبير) بہ ٿوري گهٽي ڏينهين باقي بچيل بلوچن سان گڏ اچي سائس شريڪ ٿيو. اهو زمانو هو جڏهن هن ملڪ ۾ بلوچي ٻهريون پيرو آباد ٿيا.

مير صوبدارخان ڪبير سوچيو تہ الله تعاليٰ جي صحيح اطاعت ۽ فرمانبرداري لاءِ چڙهو رهڻ بيحد ضروري آهي، تنهنڪري هن شادي نہ ڪئي. هُو پرهيزگاري ۽ سخاوت ۾ حد ڪمال تي پهتل هو. سندس وفات بعد سندس پاٽئيو مير شهدادخان، جنهن جو تازو ذڪر ڪيل آهي، سندس جانشين ٿيو.

اجان نادر شاھ (بادشاھ) سنڌ تي نہ ڪاهيو هو تہ اتي جي حڪومت دهلي سرڪار جي هڪ امير جي هٿ هيٺ هئي، پر جڏهن هو (نادر شاھ) قتل ٿي ويو تہ ميان نورمحمد ڪلهوڙو صوبيدار ٿيو ۽ احمد شاھ افغان بادشاھ کي خراج ڏياري موڪليائين.

هن نائب حڪمران (ميان نورمحمد ڪلهوڙي) جي وفات بعد سندس پٽ محمد مراد مسند تي ويٺو.

عين انهيءَ زماني ۾ مير شهدادخان ڪبير وفات ڪئي. کيس چار پٽ هئا: مير جمينڊو، مير چاڪر ۽ مير بهرام ٻهرئين گهر مان ۽ مير خيرو پوئين گهر مان ٿيس. ٻهريون پٽ مير نورمحمد ڪلهوڙي جي پنن سان گڏ نادرشاھ جو يرغمالي ٿيو ۽ مشهد ۾ وفات ڪيائين. مير شهدادخان ڪبير جي پٽن ۾ مير بهرامخان سيني کان وڏيڪ سمجھ پريو ۽ سٺو هو ۽ پيءُ جي وفات بعد اهوئي بلوچن جو سردار ٿيو.

(سنڌ جي) نائب حڪمران (ميان) محمدمراد (ڪلهوڙي) جي ظلمن ۽ زيادتين کيس ڪلهوڙن اميرن اڳيان قابلِ سزا بنايو ۽ انهن بهرامخان سان سندس معزولي لاءِ اتحاد قائم ڪيو. انهن کيس قيد ڪري سندس پاءُ عطرخان کي تخت تي ويهاريو. جڏهن سندن پسند کين ڏوڪو ڏلو تہ انهن کيس بہ تخت تان لاهي قيد ڪيو ۽ ڪلهوڙي (ميان نورمحمد) جي ٽئين پٽ ميان غلامشاھ کي تخت تاج جو مالڪ بنايو. هن سندن اميدون پوريون ڪيون جو سڄو ملڪ پنهنجي مڪمل تابعداريءَ هيٺ آندائين ۽ حيدرآباد جو قلعو ٺهرايائين، سندس وفات بعد سندس وڏو پٽ مير محمدسرفراز سندس جانشين ٿيو.

بلوچي قبيلي جي سردار مير بهرامخان کي بہ پٽ هئا: هڪ مير بجارخان ۽ ٻيو مير صوبدارخان (ثاني). ٻهرئين مير بجارخان جي غيرحاضريءَ ۾ جيڪو ڪنهن خانداني تڪرار سبب حج تي ويل هو، (ميان) محمدسرفراز سندس پيءُ ۽ ڀاءُ کي مارائي ڇڏيو، ڇاڪاڻ جو بهرامخان هڪ نڊر مهرجُو انسان هو ۽ (ميان محمد) سرفراز سندس اثررسوخ ۽ غلبي کان خائف هو.

اها صورتحال بذات خود منهنجي معصوميت ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي، جو مون ۽ ڏينهن ۽ هڪ رات جي منٿ ميڙ ڪان پوءِ بلوچن کي انهيءَ ڳالهه تي راضي ڪيو ته دشمنيءَ جي تمام علامتن کان باز رهجي. هنن چيو ته هنن کي منهنجي هر ڳالهه منظور آهي، پر جيستائين انگريزي لشڪر جي پيشقدمي جاري آهي، تيستائين ميدان نه ڇڏيندا.

آخرڪار هنن منهنجي اها ڳالهه به منظور ڪئي ته جنرل ڏانهن وڪيل موڪلي ڪيس هيءُ ٻڌايو وڃي ته اسان اڃان به انگريزن جا دوست آهيون.

ٽئين ڏينهن پرهه ڦٽي ويل جنرل جي لشڪر اسان تي توبون ڇوڙيون ۽ بلوچن به مايوسيءَ جي عالم ۾ جوابي ڪارروائي ڪئي. اسان جي طرف کان هزارين ماڻهو مارجي ويا ۽ باقي ڇڙوڇڙ ٿي ويا. فقط آءٌ اڪيلو ارڙهن ماڻهن سان ميدان ۾ رهجي ويس، پر جڏهن مون ڏٺو ته سيئي ڀڄي ويا ۽ انگريز ظلم تي سندرو ٻڌيو بيٺا آهن ته مان حيدرآباد موٽي ويس.

حالات جيڪو رخ اختيار ڪيو هو، تنهن مون کي بيحد رنجايو. منهنجا پنهجا مون کي مهڻا ڏئي رهيا هئا. هو چئي رهيا هئا ته جيڪڏهن شروع ۾ ئي آءٌ انگريزن کي ملڪ ۾ گهڙڻ نه ڏيان ها ته هو اڄ هن طرح ظلم جو شڪار نه ٿين ها.

جيڪڏهن منهنجي وڙهڻ جي مرضي هجي ها ته ظاهر آهي ته مان حيدرآباد ڇڏي وڃان ها، ۽ وڃي جبلن ۾ پناهگاهه ٺاهيان ها، جتان آءٌ مخالفانه ڪارروايون شروع ڪري ڏيان ها. پر جيئن ته منهنجو اهڙو ڪوئي ارادو نه هو، تنهنڪري ٻئي ڏينهن آءٌ رضاڪارانه طور تي انگريزن جي ڪئمپ ۾ ويس ۽ پنهنجي تلوار ميجر جنرل جي حوالي ڪندي چيم ته: ”اوهان لڙائي ڇو شروع ڪئي جڏهن ته آءٌ اوهان جي هر مرضي پوري ڪرڻ لاءِ تيار هوس.“ جنرل منهنجي تلوار مون کي واپس ڪندي ۽ مسڪرائيندي چيو، ”گهٻرايو نه. آءٌ پنجويهن ڏينهن اندر اوهان جو معاملو طي ڪندس.“ ۽ مزيد چيائين ته ”اوهان جو جيڪو لشڪر آسپاس موجود آهي، انهن کي برخواست ڪري ڇڏيو ۽ مير رستم خان کي گهرايو جو آءٌ ساڻس ملڻ چاهيان ٿو.“

جڏهن مون لشڪر کي برخواست ڪري ڇڏيو ۽ مير رستم خان اچي ويو ته هن کي، مون کي ۽ مير شهداد خان، جيڪو مون سان گڏ هو، اسان ٽيني کي قيد ڪيو ويو. ان بعد سر چارلس، ميجر ريڊ (Major Reed) ۽ ٻين انگريز صاحبن کي قلعي ڏسڻ جي بهاني سان اندر قلعي ۾ موڪلي ڏنو.

عقل وارو هي ڳالهه ٻڌندو ته وائڙو ٿي ويندو ۽ غم جي ڏندن سان پشيمانيءَ جي آڱر ۾ چڪ وجهندو. اسان جي اسيريءَ وقت اهڙي ئي صورتحال هئي. ڏسڻ جي بهاني هنن قلعي تي قبضو ڪيو ۽ تباهي ۽ ڦرلٽ کي انهيءَ حد تي پهچائي ڇڏيو جو سپاهين جي بغلن مان هيرا ۽ جواهر ائين ڪري رهيا هئا، جيئن واريءَ جا ڪڻا!

انگريزن جي قلعي ۾ داخل ٿيڻ جي ٽئين ڏينهن مير محمد خان کي قيد ڪيو ويو ۽ انهيءَ جي ٻئي ڏينهن مير صوبدار خان کي قلعي مان ٻاهر آندو ويو ۽ ساڳي طرح قيد ڪيو ويو.

# کھاڈیون

# سر ڏهر مان بيت

ٻٽيهل تو ۾ ٻٽور، اڳيون آهه نه آب جو،
سڪيئن ڪهڙي سور، پيئي واري وچ ۾.

ڏور نه آڳينءِ ڏار، مهند ملاحن لکيو،
موڙي چوڙيا مڪڙا، پسي پاڻيءِ پار،
جسودن جيها يار، پيڙا وير وماس ۾.

جان واهڙ ۾ وهه، تان تون مڇ نه موٽيو،
ڪاني ۾ ڪوهه ڪرئين، پوءِ موٽي جو پهه،
سَرَ مٿي تون سهه، مهميزون ملاحن جون.

جان جر هئڙو جال، تان تون مڇ نه موٽئين،
پوندئي اڄ ڪ ڪالهه، سانپوپون سانگن جون.

— ڀٽائي رحه

ڏهه ورهيه گذري ويا. هڪ ڏينهن ڪارو برقعو پاتل هڪ عورت منهنجي ڪمري ۾ گهڙي آئي. مان ڪيس ويهڻ جو اشارو ڪيو. مان ڪيس سڃاڻي ڪانه ورڪري ڪري پئي ڪيس ڏٺو. سارو لقشو ڏهي ويو هو، ٻر اجا اکيون ساڳيون هيون. رڙ ڪري چيم، ”غزالي.“

”بدنصيب فيروزه“ هن جواب ۾ چيو.

”هي حال چو؟“

چيائين، ”پنهنجي ۽ ٻچي جي پيٽ پالڻ لاءِ تن ڪهرن جو ڪم ڪندي آهيان.“ ائين چوندي هن مون ڏانهن هٿ وڌايا، جن ۾ برتنن ماڃڻ ڪري ڪنا پئجي ويا هئا.

”۽ هي ڪيئن ٿيو؟“ مون پڇيو.

”وڏو داستان آهي سائين، ڪنهن وقت ٻڌائينديس. هاڻي هڪ عرض وٺي آئي آهيان. مون ڪي جهڳيءَ مان ٿا بي دخل ڪن، جا پنهنجو ٻسو گڏ ڪري ٺهرائي اٿم. مون لاءِ ڪجهه ڪيو.“

”۽ شڪور؟“ مون پڇيو.

”لالو له ڪٿو بي غيرت جو. دلال ڪتان جو!“



”هي فروٽ توهان ڪڏهن کاڌو آهي.“ هن هڪ ٽڪنڊو ميوو مون ڏانهن وڌائيندي چيو. ڪنهن وقت ۾ اهو فقط مريخ ۽ زهره تي پيدا ٿيندو هو پر هاڻي پنهنجي پوري ڌرتي تي تمام گهڻو ٿي سگهي ٿو.

”سربراه صاحب! مون هڪڙو تمام پراڻو ڪتاب پڙهيو، جيڪو تمام آڳاٽو چيو وڃي ٿو. انهيءَ ۾ لکيل هو ته چنڊ تي پهچڻ لاءِ ماڻهو جيڪي گاڏيون ٺاهيندا هئا، سي ءِ ايڏيون ته وڏيون هوائيون هيون، جو انهن کي ٺاهڻ لاءِ سالن جا سال لڳي ويندا هئا.“

”ها، بلڪل ائين هو“ هو ناشتو ڪندو رهيو.

”ڪنهن وقت ۾ چون ٿا ته هن ڌرتيءَ تي تمام وڏا زلزلا ايندا هئا، طوفان ايندا هئا، جبل ڦاٽي پوندا هئا، گرمي ٿيندي هئي ته تمام گهڻي گرمي ۽ سردي ٿيندي هئي ته بي انتها سردي. هر خطي جي پنهنجي موسم هوندي هئي. ڇا اهو سچ آهي؟“

”بلڪل ائين هو.“

”ميڊيڪل جي تاريخ ۾ ته ڪينسر، ايڊز، هارٽ اٽيڪ جهڙين بيمارين جا ٽالا اچن ٿا جيڪي موتمار هيون ۽ هزارين ماڻهو مري ويندا هئا، اهو به سچ آهي؟“

”ائين آهي محترم.“ سربراه چيو. انهيءَ دور جا ڊاڪٽر ته جيئرن مريضن جي جسمن کي وڍي، ٽڪي پوءِ آپريشن ڪندا هئا. تصور ڪر ته جيئرن انسانن کي وڍڻ ٽڪڻ ڪيترو نه ڇرڪائيندڙ آهي.

”بس، بس، اڳتي نه چئو ڪجهه، مون کي ڊپ ٿو ٿئي.“ مون چيو.

”پر توهان کي خبر هئڻ گهرجي ته اهي ڊاڪٽر ته انسانن کي بچائڻ لاءِ ائين چيرڦاڙ ڪندا هئا، پر ڪڏهن ته انسان هڪ ٻئي کي ماريندا هئا. تو کي خبر آهي ته جنگ لڳندي هئي ته...“

”جنگ ڇا آهي؟“ مون سربراه جي ڳالهه ڪٽيندي چيو.

”ڪنهن زماني ۾ هي پوري دنيا ائين حصن ۾ ورهايل هئي، جيئن اڄڪلهه پنهنجي ڪائنات. ڌرتي تي مختلف ٽڪرن کي ليکي ملڪ چيو ويندو هو، هر ملڪ جو سربراه الڳ هوندو هو. ملڪن جون حدون وڌائڻ ۽ بچائڻ لاءِ وڏيون ويڙهون ٿينديون هيون...“

”ويڙه ڇا آهي سائين؟“ مون وري ڳالهه ڪٽيندي چيو.

”ويڙه ۽ جنگ هڪڙي معنيٰ رکندڙ لفظ آهن. سمجهو ته امن جو ضد آهي جنگ يا ويڙه. شايد توهان تاريخ کان اڻواقف پيا لڳو... ته انهن ويڙهن ۽ جنگين ۾ ماڻهو تمام گهڻا ختم ٿي ويندا هئا.“

”جنگ ڪيئن ڪئي ويندي هئي سائين؟“

بليت تي هڪدم لنڊي قد واري شخص جي تصوير اچي وئي) هي شخص پنهنجو نالو سقراط ٻڌائي ٿو ۽ چوي ٿو ته. آءٌ عقل جو اڪابر آهيان."

انهيءَ کان پوءِ ٻئي ڏاڙهي واري ننڍين اکين واري شخص جي تصوير ظاهر ٿي.

"هن شخص پنهنجو نالو چنگيز خان ٻڌايو آهي ۽ خود کي وڏو فاتح ٿو چوي."

ان بعد آخري شخص ظاهر ٿيو ۽ آواز آيو.

"دوستوا هي ٽيون شخص پنهنجو نالو شيڪسپيئر ٿو ٻڌائي ۽ وڏي اديب ۽ ليک هئڻ جي دعوي ٿو ڪري."

"دوستوا سندن ٻوليءَ کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ سائنسي انسٽيٽيوٽ جو ڪمپيوٽر سيڪشن ڪوشش ۾ آهي، سياڻي انهيءَ سلسلي ۾ ٽي ماهر لفسياتدانن، تاريخدانن، ٻوليءَ ۽ ادب جي ڄاڻن جو اجلاس ٿيندو. اعلان ختم."

آءٌ هڪدم سوچ ۾ ٻڏي ويس ۽ پنهنجي چند کان آيل دوستن جي پهچي وڃڻ جو به احساس ڪونه ٿيم.



# اُومر ۽ ماهو

## بلوچي لوڪ ادب

سنڌيڪار: ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل

ترتيب ۽ ڳولا: جميل زبيري

آومر ۽ ماهَو، زامران جي علائقي جا رهندڙ هئا. هي علائقو تربت شهر کان اٽڪل ٦٥ ميلن جي مفاصلي تي آهي. آومر جي ماءُ، ماهَو جي ماسي هئي. ماهَو ٻالڪپڻ ۾ ئي يتيم ٿي ويئي هئي ۽ سندس ماسيءَ کيس لپايو هو. هن جي مرضي هئي ته ٻيئي ٻار وڏا ٿين ته سندن شادي ڪرائي وجي.

جڏهن آومر وڏو ٿيو ته ماڻس کيس پنهنجيءَ راءِ کان واقف ڪيو، پر آومر اها ڳالهه قبول نه ڪئي ۽ چيائين ته ماهَو ڏاڍي گدلي رهي ٿي، انهيءَ ڪري هو ساڻس شادي نه ڪندو ۽ اهو چئي هو سنڌ ڏانهن هليو ويو.

انهيءَ ڳالهه کي ڪافي عرصو گذري ويو ۽ جڏهن کيس يقين ٿي ويو ته هاڻي ماهَو جي شادي ٻئي ڪنهن هنڌ ٿي چڪي هوندي ته پوءِ هو هڪ دفعو پنهنجي علائقي ۾ موٽي آيو. جيئن ته هو گهڻي وقت کان پوءِ واپس موٽيو هو، تنهنڪري کيس ملڻ لاءِ ڪيترائي مٽ مائٽ اچي گڏ ٿيا. انهيءَ زماني جي رواج پٽاندر سندس مائٽياڻيون رئي سان هٿ ڍڪي، سندس هٿ جهلي چمي رهيون هيون. انهن عورتن ۾ ماهَو به شامل هئي. هوءَ به پنهنجو هٿ رئي ۾ ڍڪي، جڏهن آومر جو هٿ چمڻ لڳي ته آومر کيس غور سان ڏٺو. هاڻي هوءَ ماماڻجڻ کان پوءِ ڏاڍي سهڻي ۽ ناهوڪي ٿي پيئي هئي ۽ وقت سندس سونهن کي هيڪاري وڌائي ڇڏيو هو. آومر کيس نه سڃاڻي سگهيو. پر سندس سونهن کان ڏاڍو متاثر ٿيو. هن سندس ماءُ کان هن جي باري ۾ پڇيو، جنهن کيس ٻڌايو ته هيءَ اهائي ماهَو آهي، جنهن کي تون ٺڪرائي هليو ويو هئين ۽ هاڻي سندس شادي ٿي چڪي آهي. اها ڳالهه ٻڌي ٻاڻ ڏاڍو پڇتايائين.

آومر پهرين ئي نظر ۾ دل جو سودو ڪري چڪو هو. هو اڪثر سندس گهر کيس ملڻ لاءِ ويندو هو، پر ماهَو جي سس کي آومر جو هن طرح بار بار اچڻ ۽ ماهَو سان ملڻ نه وڻندو هو. تنهنڪري ماهَو جي سس آهستي آهستي پنهنجي پٽ جا ڪن ڀرڻ شروع ڪيا ۽ ڏسندي ڏسندي ماهَو جي مڙس جو شڪ يقين ۾ بدلجي ويو.

سيد طاهر محمد جو هي ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي فارسي ماخذن جي اشاعت واري اسڪيم ۾ شامل ڪري، سڀ کان اول ١٩٦٤ع ۾ شايع ڪري پڌرو ڪيو. ان کان اڳ مير علي شير قانع، ايليٽ ۽ محمد صديق ميمڻ "تاريخ طاهري" کي ڪتب آڻي چڪا هئا، يا وري ان جا ڪجهه اقتباس انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾ منتقل ڪري ڇاپي چڪا هئا. بهرحال ان جي مڪمل ۽ اصل متن جي اشاعت علمي دنيا کي درڪار هئي ۽ ان اسڪيم تحت سنڌي ادبي بورڊ ان جو معياري ۽ تحقيقي ايڊيشن منظر تي آندو. هي ايڊيشن سنڌ جي هاڪاري عالم محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي محنت سان تيار ٿيو. ڊاڪٽر صاحب متن جي آخر ۾ فارسي زبان ۾ حاشيه ۽ تعليقات شامل ڪري، سيد طاهر محمد جي غلطين جي درستي ڪئي ۽ مبهم مامرن جي اپٽار ڪئي. ان کان علاوه مصنف جي سوانح ۽ "تاريخ طاهري" جي افاديت بابت، ڊاڪٽر صاحب مفصل انگريزي نوٽ پڻ ڪتاب جي آخر ۾ شايع ڪيو.

تبصري هيٺ آيل ڪتاب "تاريخ طاهري" جو سنڌي ايڊيشن آهي، جو محترم نياز همايوني جي ڪوشش سان، سنڌي ادبي بورڊ تازو پڌرو ڪيو آهي. بورڊ ان کان اڳ "چچ نامه" "تاريخ معصومي"، "مظهر شاهجهاني" ۽ "تحفة الڪرام" جهڙن بنيادي دستاويزي ڪتابن جا سنڌي ڇاپا شايع ڪري چڪو آهي. جيئن مٿي ذڪر ٿيو ته "تاريخ طاهري" سيد طاهر محمد ١٠٣٠هه/١٦٢١ع ڌاري تيار ڪيو هو. فاضل ايڊيٽر موجب سيد صاحب پنهنجي ڪتاب کي ڏهن طبقن (پاڳن) ۾ تيار ڪرڻ گهريو ٿي، تاهم مليل نسخن ۾ يا ته چار طبقا ملن ٿا يا وري پنج طبقا ڏسجن ٿا. اهي طبقا هن ريت آهن:

| | |
|---|---|
| طبقو (پاڳو) پهريون | سومرا |
| طبقو (پاڳو) ٻيون | سمان |
| طبقو (پاڳو) ٽيون | مرزا شاهه حسن |
| طبقو (پاڳو) چوٿون | مرزا عيسيٰ ترخان |
| طبقو (پاڳو) پنجون | مرزا غازي بيگ |

مصنف پهرين ٻن طبقن ۾ جيڪا ڄاڻ ڏني آهي، اها سالن جي حد تائين به غلط آهي، الڪري جڏهن ناقدين مٿس سطحي ۽ غلط معلومات ڏيڻ ۽ هڪ رخي، هڪ طرفي ۽ تعصب پري تحرير ڏيڻ جو الزام هڻن ٿا، ته ان ۾ هو بلڪل درست آهن. سمن ۽ سومرن بابت سندس غفلت ۽ ڪم علمي ته سمجهه ۾ اچي ٿي، تاهم همعصر دور بابت ڏنل سندس ناقص معلومات جو سبب سمجهڻ ۾ ڏاڍي دقت ٿئي ٿي. مثال طور ارغون دور بابت يا شاهه حسن جي حڪومت متعلق، هن انتهائي غفلت ۽ لاپرواهي ڏيکاري آهي. ان هوندي به ڪجهه معاملن بابت، سيد طاهر محمد جيڪو مواد قلمبند ڪيو آهي، اهو ٻئي ڪنهن به ذخيري مان ڪونه ٿو ملي. مثال طور عيسيٰ ترخان جي حڪمراني، غازي بيگ جو دور، قنڌار ۾ سندس مقرري، اتي جون علمي محفلون، بيگلارن جون بغاوتون، جاني بيگ ۽ اڪبري لشڪر جون لڙايون وغيره بابت مصنف

"يادگيريون" جي عنوان سان، تنوير پنهنجي پڙهائيءَ واري دور ۾ ٿيل رنگين واقعن کي قلمبند ڪيو آهي. اهي يادون ٻن عنوانن، "سي ڏينهن هيا" ۽ "ڊبل خان ۽ ڊيزي" ۾ ورهايل آهن. ليڪڪ جون اهي يادون، سندس زندگيءَ جو اهم سرمايو آهن، جيڪي پڙهندڙن کي دلچسپيءَ سان گڏ ڪاليج لائيف جي معلومات ڏين ٿيون. "اوپارا عنبير جا" جي عنوان سان ليڪڪ جو پراڻو انٽرويو ڏنل آهي، جنهن ۾ ليڪڪ سان زندگي ۽ ادب تي خيالن جي ڏي وٺ ٿيل آهي.

ڪتاب "ترورا" ۾ ليڪڪ جو دبئيءَ جو لکيل سفرنامو بہ ڏنل آهي، جيڪو اڻ ڇپيل آهي. ليڪڪ دبئيءَ ۾ رهندڙ پنهنجي پيارن سنگتين ۽ ساٿين سان ٿيل روح رهاڻين سان گڏ دبئي شهر جي خوبصورتيءَ جو احوال هن سفرنامي ۾ ڏنو آهي.

ڪتاب جي آخر ۾ ليڪڪ جي ڇپيل نثر جو وچور ڏنل آهي. جنهن ڪتاب کي وڌيڪ جان ۽ اهميت بخشي آهي. ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت اهڙ ڇاتي ويندي. خاص ڪري هي ڪتاب پڙهندڙن لاءِ نهايت ڪارآمد ثابت ٿيندو. هي ڪتاب "سهڻي پبليڪيشن" حيدرآباد وڏي اهتمام سان ڇپرايو آهي. ڪتاب جو جاذب ٽائيٽل خدابخش ابڙي جو ٺهيل آهي. ڊيمي سائيز جي هن ڪتاب جي قيمت ٽيهہ رپيا مناسب رکيل آهي. هي دلڪش ڪتاب سنڌي ادب ۾ هڪ بهترين اضافو آهي.

— امام راشدي

## سنڌي ــ عربي ڊڪشنري

مرتب: پروفيسر غلام حسين جلباڻي، صفحا ٧٨٤، قيمت ٽي سؤ رپيا.
ناشر: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ١٩٨٨ع.

الله تعاليٰ انسان کي عظمت جو تاج پهرائي اشرف‌المخلوقات بنايو. انسان جي هدايت ۽ رهنمائي واسطي هر دور ۾ پاڪ ڪتاب ۽ نبي سڳورا ايندا رهيا. آخر ۾ پنهي جهانن جو سرواڻ عرب و عجم جو اڳواڻ حضرت محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم ڪائنات لاءِ رحمت ۽ رهبر بنجي آيو ۽ سندس پاڪ ڪتاب قرآن حڪيم بہ حق ۽ هدايت جو سرچشمو آهي. جيئن تہ دين دنيا جي ڀلائي ۽ علم و حڪمت جو سرچشمو قرآن حڪيم بہ عربي ٻوليءَ ۾ آهي. حضور صلي الله عليه وسلم جي پوري زندگي حديث شريف ۾ سمايل آهي ۽ حديث جا مشهور ڇهہ ڪتاب "صحاح ستہ" (صحيح بخاري، صحيح مسلم، جامع ترمذي، سنن نسائي، سنن ابو داؤد ۽ سنن ابن ماجه) بہ عربيءَ ۾ آهن. ان کان سواءِ فقه ۽ قانون جا بنيادي ڪتاب بہ عربي ۾ آهن. اسلامي تاريخ ۽ ادب جو ذخيرو بہ عربي ٻوليءَ ۾ آهي. اڪثر مسلمان ملڪن سان رابطي جي ٻولي بہ عربي آهي، ان ڪري اسان کي عربي ٻولي جي ڄاڻ رکڻ تمام ضروري آهي.

چو ته جيستائين اصل ۽ بنيادي ماخذ ڏي رجوع نه ڪبو ۽ اصلي ماخذن جي پروڙ نه هوندي ته اصل حقائق ۽ حالات معلوم نه ٿيندا ۽ تحقيق به اڻ پوري رهجي ويندي. پياري نبي صلي الله عليه وسلم جو ارشاد آهي ته عربي ٻولي سان محبت رکو، جو آءٌ محمد صلي الله عليه وسلم عربي آهيان. قرآن عربي ۾ آهي ۽ اهل جنت جي ٻولي به عربي آهي.

عربي زبان تمام همه گير ۽ وسيع آهي. ان باري ۾ امام شافعي رح فرمايو آهي ته عربي زبان سڀني ٻولين مان وسيع ٻولي آهي. هن ٻوليءَ جي پوري لغت جو احاطو نبي ڪان سواءِ ڪوبه ڪري نه ٿو سگهي. خود عربي ٻولي جي آسان معنيٰ لاءِ عربي ۾ ڪيترن جلدن ۾ لغت جا مشهور ڪتاب لکيا ويا آهن. خليل بن احمد نحوي جو "ڪتاب العين" هن سلسلي جي پهرين ڪڙي آهي. ان کان علاوه الجمهرة في اللغة، تهذيب اللغة، غريب اللغة، ديوان الادب، جواهر اللغة، دستور اللغة، تاج العروس، صحاح في اللغة، قاموس، لسان العرب، المنجد ۽ ٻيا ڪيئي لغت جا ضخيم ۽ مشهور ڪتاب موجود آهن.

هي حقيقت آهي ته مسلمانن جو عربي ٻولي سان رڳو هن ڪري تعلق ڪونهي ته عربي ۾ عرب ملڪن سان خط و ڪتابت ۽ ڳالهه ٻولهه ڪري سگهجي، پر عربي ٻولي سان اسان جو گهرو ديني ۽ روحاني تعلق به آهي، انڪري علماء امت جو هن ڳالهه تي اتفاق آهي ته عربي ٻولي جي حفاظت ۽ ان جي سکڻ ۽ سيکارڻ جو سلسلو هميشه قائم رکڻ، اسلام جي فرضن مان هڪ اهم فرض آهي.

جيئن ته عربي، فارسي ۽ اردو ۾ لغت جو وڏو ذخيرو موجود آهي ۽ سنڌ جي حوالي سان به مشهور شاعر ۽ لغت نويس عبدالرشيد بن عبدالغفور ٺٽوي جا ٻه ڪتاب (منتخب اللغات عربي فارسي ۽ فرهنگ رشيدي فارسي) لغت جي سلسلي ۾ مشهور آهن. هونئن به هر ٻولي سکڻ ۽ سيکارڻ لاءِ ان ٻولي جو گرامر، لفظي ۽ اصطلاحي معنيٰ سمجهڻ بيحد ضروري آهي، انڪري ضرورت هن ڳالهه جي هئي ته عربي ٻولي سمجهڻ لاءِ عربي-سنڌي ڊڪشنري مرتب ڪئي وڃي.

عربي ٻوليءَ جي ماهر استاد پروفيسر غلام حسين جلباڻي صاحب زير نظر ڪتاب "عربي-سنڌي ڊڪشنري" تيار ڪري اها ضرورت ڪنهن حد تائين پوري ڪئي آهي. پروفيسر جلباڻي صاحب هن کان اڳ ۾ شاهه ولي الله جي حوالي سان مشهور ۽ وڏو ڪم ڪيو آهي، پر هيئنر پاڻ عربي-سنڌي ڊڪشنري لکي، اهل سنڌ تي وڏو احسان ڪيو آهي. هونئن به لغت نويسي جو ڪم ٽڪائيندڙ ۽ تحقيق طلب آهي، جنهن ۾ وڏي محنت، مطالعي، جاکوڙ ۽ اکرن جي اکيڙ جو اڻ ورچ ۽ اڻ کٽ سلسلو هوندو آهي، پر پروفيسر جلباڻي صاحب اهو ڪٺن، ٽڪائيندڙ ۽ وڏي محنت وارو ڪم نهايت خوش اسلوبيءَ سان نباهيو آهي.

جيتوڻيڪ زير نظر ڪتاب "عربي-سنڌي ڊڪشنري"، "الفوائد الدريه" جو سنڌي ۾ ترجمو آهي، پر پروفيسر جلباڻي صاحب پنهنجي عربي داني ۽ وسيع مطالعي جي آڌار تي ۽ لغت



نامور سنڌي اديب ۽ ممتاز ڊرامہ نگار محترم عبدالقادر جوڻيجي کي صدارتي ايوارڊ برائي حسن ڪارڪردگي ملڻ جي خوشيءَ ۾ مهراڻ آرٽس ڪائونسل هڪ تقريب منعقد ڪئي. علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، جناب عبدالحميد آخوند، محترمہ مهتاب اڪبر راشدي، جناب حميد سنڌي، جناب عبدالرزاق چانڊيو، جناب عبدالقادر جوڻيجو، جناب شفيق الرحمان پراچا، جناب الياس عشقي، جناب شوڪت حسين شورو ۽ جناب گل حسن قريشي ان موقعي تي پنهنجا تاثرات بيان ڪري رهيا آهن.

(حيدرآباد ـ ١٥ سيپٽمبر ١٩٨٨ع)

# سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپايل تازا ڪتاب

---

شايع ڪيل:

| | | | |
|---|---|---|---|
| ۱. برهانپور کے سندھي اولياء | ـ سيد راشد برهانپوري | ۴۲۵ | ۵۰-۰۰ |
| ۲. جامع سنڌي لغات (جلد ۵، آخري) | ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | ۹۰۰ | ۱۵۰-۰۰ |
| ۳. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي | ـ عبدالرسول قادري بلوچ | ۱۸۲ | ۳۰-۰۰ |
| ۴. سائو پن يا ڪارو پنو | ـ مرزا قليچ بيگ | ۳۰۰ | ۴۰-۰۰ |
| ۵. تاريخ طاهري (سنڌي ترجمو) | ـ اياز همايوني | ۴۸۱ | ۸۰-۰۰ |

قريب اشاعت:

1. The Poetry of Shah Abd-al-Latif Dr; Durre Shahwar Syed.

۲. حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي شخصيت ـ ڊاڪٽر شمس عباسي

۳. تاريخ ريگستان (۲ ڀاڱا) ـ رائچند راٺوڙ

۴. ڀرائو ٻارڪر ـ منگهارام اوجها

۵. ڪشف المحجوب مترجم: ـ ڊاڪٽر عطا محمد "حامي"

